# ٻارن لاء بائبل

## تحفو



# هيڪل جو اڳواڻ يسوع کي ملڻ اچي ٿو

لکيل ٻاران: Edward Hughes

اشارو ڪندڙ: Byron Unger; Lazarus
Alastair Paterson

طرفان قبول ڪيو ويو: M. Maillot; Sarah S.

ترجمو ٿيل: Aim4Faith Ministries, Pakistan

ٺاهيل ٻاران: Bible for Children
www.M1914.org

©2025 Bible for Children, Inc.
لائسنس: توهان کي هن ڪهاڻي ڪاپي يا پرنٽ ڪرڻ جو حق آهي،
جيئن جيسيتائين تون ان کي وڪرو نٿا ڪريو.



هڪڙي ڏينهن يسوع هيڪل ڏانهن ويو، تڏهن ڏٺائين ته ماڻهو خُدا جي گهر جي بي عزتي ڪن پيا. اهي هُتي جانور وڪڻي رهيا هئا ۽ هيڪل ۾ پئسا مٽائيڻ جوويپار ڪري رهيا هئا!



يسوع رسيءَ مان چابڪ ٺاهي، واپارين کي هيڪل مان ڪڍي
ڇڏيو. "هي سڀ شيون ڪٽي وڃو،" هن حڪم ڏنو. "منهنجي
پيءُ جي گهر کي ڪاروبار جي جاءِ نه بڻايو." يسوع پنهنجي
پيءُ جي گهر سان پيار ڪندو هو.



3

اڳواڻن هڪ نشاني
ظاهر ڪرڻ لاءِ
مطالبو ڪيو ته يسوع
کي هيڪل کي صاف
ڪرڻ جو حق آهي.
"هن هيڪل کي ڊاهيو،
۽ مان ان کي ٽن ڏينهن
۾ ڪڙو ڪندس،" يسوع
جواب ڏنو. ناممڪن!
هيڪل ٺهڻ ۾ ڇائيتاليهه
سال لڳا.



4

پر يسوع پنهنجي جسم جي
باري ۾ ڳالهايو هو. هيڪل
وانگر، سندس جسم خُدا جي
رهائش واري جاء هئي.
جيتوڻيڪ يسوع صليب تي
مري ويندو پر هو ڄاڻي ٿو ته
خُدا کيس ٽئين ڏينهن تي موت
کان جيئرو ڪندو.



5

رات جو، هيڪل جي
اڳواڻن مان هڪڙو
يسوع کي ملڻ آيو.
هن کي معجزن جي
ذريعي معلوم هو ته
يسوع خُدا جي طرفان
موڪليو ويو هو.
نيڪديمس يسوع وٽ
خُدا جي بابت وڌيڪ
سکڻ لاء آيو.



6

يسوع نيڪديمس کي
ٻڌايو ته ماڻهن کي خُدا
جي بادشاهي ۾ داخل
ٿيڻ لاء ٻيهر پيدا ٿيڻ
گهرجي. نيڪديمس
کي سمجھ ۾ نه آيو.
بالغ ماڻهو وري ٻيهر
ڪيئن پيدا ٿي سگهي
ٿو؟ ان کان سواء، هو
مذهبي هو. ڇا اهو
ڪافي نه هو؟



7

"جيڪو روح مان
پيدا ٿيو آهي اهو
روح آهي،" يسوع
وضاحت ڪئي.
"خُدا جو روح واء
وانگر آهي.
ماڻهوواءکي نه ڏسندا
آهن ۽ نه سمجهندا
آهن. اهي رڳو اُهي
ڏسن ٿا جيڪا واءُ
ڪري ٿي."



8


يسوع نيڪديمس کي بني اسرائيلن بابت ياد
ڏياريو ته گهڻو اڳ مُوسيٰ سان شڪايت ڪئي هئي.
"اسان وٽ نه کاڌو آهي، نه پيڻ جوپاڻي، ۽ اسان انهين
ماني کان نفرت ڪريون ٿا جيڪو خُدا اسان کي
ڏئي ٿو،" اهي روئيندا هئا.
9


ماڻهن جي گناهن خُدا کي ناراض
ڪيو. هن انهن جي وچ ۾ زهريلا
نانگ موڪليا. نانگن ماڻهن کي
ڏنگيو. ڪيترائي مري ويا.
10


"اسان گناهه ڪيو آهي.
دعا ڪريو ته خُدا نانگن کي
ڪڍي،" ماڻهن عرض ڪيو.
پوءِ موسيٰ انهن لاءِ دعا گهري.
پر خُدا نانگن کي نه ڪڍيو.
11


خُدا موسيٰ کي چيو ته هڪ پرندڙ نانگ
ٺاهيو ۽ ان کي ٻگهيءَ ڪاٺيءَ تي لڳايو.
"هر ڪو ماڻهو جنهن کي نانگ ڏنگهي هو
زنده رهندو جڏهن هو پرندڙ نانگ کي
ڏسندو،" خُدا واعدو ڪيو. موسيٰ
هڪڙو پيتل جو نانگ ٺاهيو ۽ جيڪي
ان کي ڏسندا هئا تن کي شفا ڏني وئي.
12


يسوع نيڪوديمس کي ٻڌايو ته
ابن آدم کي به اُنهي پيتل جي
نانگ وانگر مٿي لڙڪايو
ويندو. يسوع صليب جي
ڳالهه پي ڪئي جتي هو
گنهگارن لاءِ مرندو.
13


يسوع چيو، "خُدا جهان کي اهڙو
پيار ڪيو جو هن پنهنجو هڪڙوئي
فرزند ڏنائين، ته جيڪو به
مٿس ايمان آڻي، برباد نه
ٿئي پر کيس دائمي
زندگي ملي."
14



مطلب ته جيڪو به يسوع
تي ايمان آڻي ٿو سو
خُدا جي خاندان ۾
پيدا ٿيو آهي.

15



ٿي سگهي ٿو ته نيڪديمس ان رات يسوع جو شاگرد نه
ٿيو هجي. پر سالن کان پوء، نيڪديمس ڏسي ٿوته هوُيسوعُ تي
ايمان رکي ٿو.۽ يسوع سان محبت
رکي ٿو جڏهين هوُ مصلوب خُدا
جي پُٽ کي دفن ڪرڻ ۾
مدد ڪري ٿو.

16



ان کان پوء، يسوع ۽ سندس شاگرد اتر ڏانهن سامريه جي
سفر تي ويا. پيا ماڻهون به خُدا جي بادشاهي ۽ خُدا جي پُٽ جي
باري ۾ ٻڌڻ چاهندا هئا، ۽ يسوع ناصري تي ايمان
آڻڻ جو موقعوماڻيندا آهن.

17

هيڪل جو اڳواڻ يسوع کي ملڻ اچي ٿو

خُدا کان هڪ ڪهاڻي ۾ لفظ، بائبل، مليو آهي

يُوحنا ٢. ٣، گنتي ٢١

"تنهنجي ڪلام جو مطالعوسوجهرو ٿوڏئي."
زبور 119: 130

18

ختم

41 60

19

هيء ڪهاڻي اسان جي عجيب خُدا جي باري ۾ اسان کي
سيکاريندي آهي جهين اسانکي پيدا ڪيو اهو چاهي ٿوته ڪيس اسان ڄاڻون.

خُدا ڄاڻي ٿو ته اسان  تمام خراب ڪم ڪيا آهن جهين ڪي اهو گناهه چئي رهيو آهي ۽
گناهه جو اجر موت آهي،پر خُدا اسان سان تمام گهڻو پيار ڪندو آهي تنهن ڪري هن
پنهنجي واحد پٽ (يسوع مسيح) کي موڪليو ته اسان جي گناهن جي سزا سهي ۽ پنهجي
جان کي صليب تي قربان ڪري ان کان پوء يسوع مسيح مئلن مان جيئرو ٿيو ۽ آسمان
ڏانهن هليو ويو جيڪڏهن توهان يسوع مسيح تي ايمان آڻيوٿا ۽ انهي کان پهنجن گناهن
جي معافي طلب ڪريو. ته هو توهان کي معاف ڪندو اوهي توهان وٽ ايندا ۽ توهان
جي اندر گڏ رهندا ۽ توهان هميشه لاء ساڻس زنده رهندا.

جيڪڏهن توهان ايمان آندو ته اها سچائ آهي ته خُدا کي ٻڌايو.
پيارا يسوع مسيح مان ايمان آڻيان ٿو ته توهان خُدا آهيوۦ منهنجي ڪري انسان بڻيو ۽
منهنجي گناهن لاء مري ويوۦ هاڻي تون جيئرو آهين. منهنجي زندگي ۾ اچو ۽ منهنجا
گناهه معاف فرمايو تنهن ڪري مان اڄ کان ئي نئين زندگي حاصل ڪري هميشه
توهان سان گڏ رهان مون کي مدد ڏي ته مان توهان جي فرمانبرداري
ڪري سگهان ٿو توهان جو پٽ، ڏيء ٿي سگهان. آمين.

بائبل پڙهو ۽ هر روز خُدا ساڻ ڳالهايو.

20